# اولياءِ ڪرام
## جا پاڪيزه وصف

20-December-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان



(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اولياء ڪرام جا پاڪيزه وصف

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايائون: جيڪو مون تي سڄي ڏينهن ۾ پنجاھ (50) ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو فرمائيندس.** (يعني هٿ ملائيندس). (القربۃ،ابن بشکوال،ص۹۱، حديث: ۹۰)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود اُن پہ سدا میں اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**
(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

### بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ماه رَبِيعُ الآخِر، ماه فاخِر، ماه عبدالقادِر جاري آهي. هن مهيني جي يارهين تاريخ کي قُطبِ ربّاني، غوثِ صَمداني، قِنديلِ نُوراني، شهبازِ لامڪاني حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان خاص وڏي نسبت آهي، ان ڪري سڄي دنيا ۾ عاشقانِ غوثُ الاعظم وڏي يارهين شريف وڏي ڌُوم ڌام سان ملهائيندا آهن. انهيءَ مناسبت سان، اسان اڄ جي بيان ۾ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ ٻين ڪجھ اولياءِ ڪرام جي پاڪيزه وصفن جو ذڪر ٻڌنداسين.

هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها خوفِ خدا، ڪثرتِ عبادت، اُمت جي اصلاح جو جذبو، امت جي خيرخواهي، آخرت جي فڪر، حُسنِ اَخلاق، زُهد و تقويٰ، عاجزي ۽ انڪساري، اتباعِ شريعت، عفو و درگذر، صبر ۽ شڪر، محبتِ الٰهي، نفس جو محاسبو ۽ مخالفتِ شيطان سميت ڪيئي اوصافِ حميده (يعني نيڪ ۽ ساراهہ لائق وصف) جا پيڪر هوندا آهن، برڪت

حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ اسان غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ۽ ٻين نيڪ ٻانهن جي باري ۾ ٽن وصفن جو ذڪرِ خير ٻڌنداسين. سڀ کان پهريان **عبادت ۽ رياضت** بابت ٻڌنداسين، اسان جا غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ڪيتري قدر **عبادت گذار** هئا، ان بابت ڪجهه واقعات ٻڌڻ سان گڏوگڏ ٻين اولياءِ ڪرام جي **عبادت ۽ رياضت** جي باري ۾ به ٻڌنداسين. ضمناً عبادتِ الٰهي جي اهميت ۽ ان جي فائدن بابت ڪجهه مدني گل به ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ۽ ٻين اولياءِ ڪرام ۾ موجود هڪ ٻي نيڪ وصف يعني **"خوفِ خدا"** بابت به ڪجهه واقعا بيان ڪيا ويندا. گڏوگڏ خوفِ خدا جي اهميت (Importance) ۽ ان جا فائدا به ذڪر ڪيا ويندا. ان کان پوءِ عِلمِ دِين جي اهميت ۽ بزرگانِ دِين جي نَنڍپڻ ئي کان عِلمِ دِين سکڻ جا ڪجهه واقعا به پيش ڪيا ويندا.

الله ڪري ته دِلجمعي سان اسان شروع کان آخر تائين چڱين چڱين نيتن سان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه ۽ عبادت جي ڪثرت

حضرت شيخ محمد بن اَبُوالفَتح هرَوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا ته مان حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي خدمت ۾ ڪجهه راتيون رهيس، انهن راتين ۾ مون سندن معمول هي ڏٺو ته هڪ تهائي رات تائين نفل پڙهندا هئا ۽ پوءِ ذڪر ۾ مصروف رهندا هئا پوءِ ڪجهه ورد پڙهندا هئا. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته ڪڏهن سندن جسم ڪمزور ٿي ويندو هو، ڪڏهن صحت مند، ڪنهن وقت منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويندا هئا پوءِ ٿوري دير بعد اچي ويندا هئا ۽ قرآن ڪريم پڙهندا هئا،ايستائين جو رات جو ٻيو حصو گذري ويندو هو، سجدا گهڻا ڊگها ڪندا هئا، پنهنجي چهري کي زمين تي رکندا هئا، تهجد ادا ڪندا هئا ۽ مراقبي ۽ مشاهدي ۾ طلوعِ فجر تائين وينا هوندا هئا پوءِ نهايت عاجزي ۽ نوڙت ۽ خشوع سان دعا گهرندا هئا، ان وقت پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کي اهڙو نور

ڏِڪيندو هو جو نگاهن کان غائب ٿي ويندا هئا، ايستائين جو فجر نماز جي لاءِ گهران ٻاهر نڪرندا هئا. (بهجة الاسرار، ص۱۶۴ملخصاً)

هڪ ٻي روايت ۾ خود غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي عبادت ۽ رياضت جا معمولات بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: مان پنجويهه (25) سالن تائين اڪيلو جهنگلن ۽ ويرانن ۾ رياضت (عبادت) ڪندو رهيس ۽ پندرهن (15) سالن تائين مون عشاء هن طرح ادا ڪئي جو ان کان پوءِ قرآن پاڪ جو ختم شريف پورو ڪندو هئس، هن حال ۾ جو مان هڪ پير تي بيٺل رهندو هئس. هڪ رات ڏاڪڻ تي چڙهندي منهنجي نفس مون کي چيو: توهان هڪ گهڙي به آرام نٿا ڪريو؟ ته مون نفس جي اها ڳالهه پنهنجي لاءِ خطرو سمجهندي هيئن ڪيم جو هڪ پير تي بيهي رهيس ۽ قرآنِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ تيستائين ائين ئي بيٺل رهيس جيستائين پورو قرآن پڙهي نه ورتو. (نزهة الخاطر الفاتر:۵۰)

مرتبہ یوں ترا خالق نے بڑھایا یاغوث
اولیاء کا تجھے سُلطان بنایا یاغوث
میں نکمّا تو کسی کام کے قابل ہی نہ تھا
مجھ سے بے کار کو تم نے ہی نِبھایا یاغوث
قابلِ رَشک ہے واللہ وہ قسمت والا
تُو نے کتّا جسے اپنا ہے بنایا یاغوث
آفَتوں میں ہوں گرفتار، مدد کو آؤ!
آہ! دنیا کے غُموں نے ہے سَتایا یاغوث

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو شان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڏسو اوهان اسان جا غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى

عَلَيْه ڪيترا عبادت گذار هئا، عبادت سان محبت جو اهو عالم هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه رات کي مختلف حصن ۾ ورهائي رکيو هو، رات جي ڪنهن حصي ۾ ذڪر و اذڪار ڪندا هئا، ڪنهن حصي ۾ نفل ادا ڪندا هئا، ڪڏهن ڊگها سجدا ڪندا هئا تہ ڪڏهن غور ۽ فڪر ۾ مصروف ٿي ويندا هئا، ڪڏهن تلاوتِ قرآن ڪندا هئا تہ ڪڏهن عاجزي ۽ انڪساري سان دعائون گهرڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. سڄي رات اهو ئي سلسلو رهندو هو. ۽ اهو سندن جو ئي شان آهي جو ڪيئي ڪيئي سالن تائين جهنگلن ۽ ويرانن ۾ عبادت ڪندا رهيا، ۽ 15 سالن تائين عشا جي نماز اهڙي طرح سان ادا ڪيائون جو ان کان پوءِ هڪ پير تي بيهي ختمِ قرآن ڪندا رهيا. ۽ اهو بہ سندن ئي جو شان آهي جو چاليھ (40) سالن (Forty years) تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪيائون ۽ سندن معمول هو تہ جڏهن بي وضو ٿيندا هئا تہ يڪدم وضو ڪندا هئا ۽ ٻہ رڪعت نماز نفل پڙهندا هئا. (بهجة الاسرار،ذكرطريقه ، ص ۱۶۴ملخصاً)

### غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ اسان جو ڪردار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو هڪ پاسي تہ اسان جي سامهون سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مقدس زندگي آهي جڏهن تہ ٻي پاسي اسان پنهنجي حال تي بہ نظر ڪريون. ❖ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو معمول هو تہ ڏينهن ۽ رات عبادت ۾ گذاريندا هئا جڏهن تہ اسان پنهنجون زندگيون خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن فُضول ڪمن ۾ برباد ڪري رهيا آهيون، ❖ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تمام وڏا ولي الله هئڻ جي باوجود آخري عمر تائين عبادت ڪرڻ ۽ نيڪيون ڪمائڻ ۾ مصروف رهيا، جڏهن تہ اسان مان اهڙا بہ آهن جن پنهنجي سڄي زندگي غفلت ۾ گُذاري پوڙهائپ ۾ بہ نيڪين ڏانهن مائل نٿا ٿين، ❖ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نماز جا گهڻا پابند هئا جڏهن تہ اسان مان ڪجھ تہ مهينن تائين مسجدن جو رستو نٿا ڏسن، ڪوڙ اهڙا آهن جيڪي عيد نماز جي لاءِ سال ۾ هڪ ڀيرو ئي نهايت اِهتمام سان مسجد جو رُخ ڪندا آهن پر ڪجھ هن سعادت کان بہ محروم نظر اچن ٿا. ❖ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سڄي زندگي

پنهنجي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي پيروي ۾ گذاري جڏهن ته اسان فيشن جا شوقين دنيا جي رنگينين جا مَستانا آهيون. مطلب ته! اسان جو حال اهو ٿي ويو آهي جو اسان زندگي کي راند روند سمجهي ورتو آهي ۽ پنهنجي اسلاف جي طريقي کان گهڻا پري ٿي ويا آهيون، اسان کي گهرجي ته اڄ ملندڙ انهن ڪجهه پساهن کي غنيمت سمجهون ۽ خوابِ غفلت کان بيدار ٿي عبادت ۾ زندگي گذاريون. هتي اها اهم ڳالهه به پيشِ نظر هجي ته غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه نماز پڙهندا هئا ته درست نماز پڙهندا هئا، پاڻ قرآنِ ڪريم پڙهندا هئا يا ذڪر واذڪار ڪندا هئا ته اهو به درست تلفظ سان، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي غارن ۾ عبادت ڪرڻ سان ڪنهن جو حق ضايع نه ٿيندو هو هاڻي جڏهن اسان هن طرح جا واقعا ٻڌون ٿا ته نفلن ۽ تلاوت جي شوق ۾ اضافو ته ڏسون ٿا، پر انهن جي درستگي جو ذوق ناهي هوندو جيڪو نهايت ضروري آهي ۽ انفرادي عبادتن ۾ گهروارن جي حقن جي رعايت بلڪ بين مسلمانن جي حقن جي رعايت به ضروري آهي. اهو نه هجي ته رات دير تائين (Full Echo Sound) نعت خواني ٿي رهي آهي، پاڙي وارا وڏي آواز جي ڪري تڪليف ۾ آهن ۽ گهر وارا اوهان جي انتظار جي ڪري پريشاني ۾ مُبتلا آهن.

## عبادتِ الٰهي جون برڪتون

ياد رکو! **الله پاڪ جي** ڪثرت سان **عبادت ڪرڻ** انبياءِ ڪرام عَلَیۡهِمُ السَّلَام جو طريقو آهي، **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡهِمۡ اَجۡمَعِیۡن جو طريقو آهي، **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** دل ۾ وڌيڪ محبتِ الٰهي جي پيدا ٿيڻ جو سبب آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** شيطان جي چَنبي مان نڪرڻ جو طريقو آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** قربِ الٰهي ماڻڻ جو سبب آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** گناهن جي مرض مان شفا ماڻڻ جو ذريعو آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** ظاهر وباطن جي اصلاح جو سبب آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** روح جي تازگي جو سبب آهي، **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** دلين جي اطمينان

جو سبب آهي. **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** شريعت ڪي مطلوب آهي، **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** هر مومن ٻانهي تي حق آهي ۽ **الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ** انسان جي پيدا ڪرڻ جو مقصد آهي.

جيئن تہ سيپارو 27 سُورَةالذّٰرِيٰت آيت نمبر 56 ۾ الله پاڪ انسان جي زندگي جي مقصد کي بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ﴿۵۶﴾ (پ۲۷، الذّٰرِيٰت:۵۶)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مان جن ۽ انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا جو منهنجي بندگي ڪن

اهڙي طرح سيپارو 3 سورهٔ اٰلِ عمران جي آيت نمبر 51 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ (پ۳،آل عمران:۵۱)

تَرجَمو ڪنزالايمان: بيشڪ منهنجو ۽ توهان سمورن جو رب الله آهي پوءِ انهيءَ جي عبادت ڪريو

جڏهن تہ سيپاري 1 سورةُ البقره جي آيت نمبر 21 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾ (پ۱،البقره :۲۱)

تَرجَمو ڪنزالايمان: اي انسانو! پنهنجي رب جي پوڄا ڪريو جنهن توهان کي ۽ توهان کان اڳين کي (بہ) پيدا ڪيو، هي اميد ڪندي جو توهان پرهيزگار ٿيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن آيت سڳورين ۾ عبادت جو واضح بيان آهي ۽ هڪ آيت ۾ هي بہ بيان ڪيو ويو تہ انسانن ۽ جِنّن کي **الله پاڪ جي عبادت** جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ جڏهن اسان جي خالق ۽ مالڪ الله ڪريم اسان کي اسان جي تخليق جو مقصد (Purpose) ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ هاڻي اسان تي بہ لازم آهي تہ اسان هن مقصد کي ماڻڻ ۾ مصروف ٿي وڃون ۽ خوب خوب الله پاڪ جي عبادت ڪريون ۽ اها ڳالھ بہ واضح آهي تہ جتي عبادت ڪرڻ جو

حڪم آهي، اتي عبادت ڪهڙي طرح ڪرڻي آهي، ان جي رهنمائي بہ فرمائي وئي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان عبادت ڪرڻ جا طريقا پڻ سکون ۽ ان جي مطابق عبادت ڪريون. مثال طور نفل نماز پڙهڻي آهي يا فرض نماز پڙهڻي آهي، تڏهن بہ ان جا حق پورا ادا ڪرڻا پوندا. تلاوتِ قرآن جي ذريعي عبادت ڪرڻي آهي تہ قرآنِ ڪريم دُرست پڙهڻ سکڻو پوندو، **فرض حج** ادا ڪرڻو آهي تہ حج جا ضروري مسئلا ۽ احڪام سکڻا پوندا، **زڪوٰة فرض** ٿيڻ جي صورت ۾ زڪوٰة جا مسئلا سکڻا پوندا.

جيڪڏهن اسان بزرگانِ دِين جي سيرت جو مطالعو ڪريون تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ ❖ **الله** پاڪ جا سمورا نيڪ بانها عبادت ۽ رياضت جا شيدائي هوندا هئا، ❖ انهن جا ڏينهن ۽ رات عبادت ۽ بندگي ۾ گذرندا هئا، ❖ هر وقت يادِ الٰهي ۾ پنهنجو وقت گذارڻ انهن جو محبوب ترين مَشغلو هوندو هو. اولياءِ ڪرام جي سيرت ۾ **حصولِ علم ۽ عبادت** ٻئي پهلو واضح نظر ايندا آهن .

اچو! عبادت جو ذوق وذائڻ ۽ بزرگن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي نيت سان اولياء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ڪثرتِ عبادت جا 3 واقعا ٻڌون ٿا. جيئن

## سڄي رات عبادت ۽ پورو ڏينهن روزو

(1) منقول آهي تہ حضرت سيدُنا حبيب نجّار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ سڄو ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ افطار جي لاءِ جيڪو کاڌو حاضر ڪيو ويندو هو اهو بہ ٻين ۾ ورهائيندا هئا ۽ پاڻ سڄي رات بُکايل ئي قيام ۾ گذاريندا هئا. جڏهن صبح ٿيڻ واري هوندي هئي تہ عاجزي ۽ انڪساري سان بارگاهِ الٰهي ۾ عرض (دعا) ڪندا هئا: مان غفلت جي سمنڊن ۾ ٻڏل رهيس ۽ گناهن جي ميدانن ۾ هلندو رهيس. ياالٰهي! هي تنهنجو ذليل، گُنهگار ۽ بيمار بانهو تنهنجي بابِ ڪرم تي حاضر آهي ۽ توکان پناهہ (Refuge) جو طلب گار آهي.

(الروض الفائق،باب في النزيه و ذكرالصالحين،ص ٢٤٦ ملخصاً)

راتیں زاری کر کر روندے، نیندا اکھیں دی دھوندے
فجریں اوگنہار کہاندے، سب تھیں نیویں ہوندے

**مختصر وضاحت:** يعني اولياءِ ڪرام اهڙا نيڪ ٻانهآ آهن جن جون راتيون گِريه وزاري ڪندي گذرن ٿيون جنهن جي سبب انهن جون ننڊون اڏامي وينديون آهن، ان جي باوُجُود جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ ماڻهن جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ گنهگار تصوُّر ڪندا آهن. (ميں سدھرنا چاھتا ھوں، ص۹)

## بغير چراغ جي گهر روشن رهندو هو!

(2) پنهنجي زماني جي وليّہ حضرت حَفصہ بنتِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جيڪا خوابن جو علم رکڻ واري تمام وڏي عالم ۽ امام حضرت محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڀيڻ آهي، هي شهرِ بصره جي انتهائي عبادت گذار خاتون هئي، پاڻ سڄي رات نماز پڙهندي گذاريندي هيون ۽ نماز ۾ اڌ قرآنِ پاڪ تلاوت ڪنديون هيون. ڪڏهن پنهنجي نماز پڙهڻ جي جاءِ تي ايتري دير نماز ۾ بيٺل رهنديون هيون ۽ سندن چَراغ وسامي ويندو هو، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي لاءِ صُبح تائين (چراغ جي روشني جي بغير) گهر روشن رهندو هو.(روح البيان، ۶/۲۴۲ الفرقان، تحت الآية: ۶۴)

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي نفس تون ڪيترو سمهندين؟

(3) مشهور وليّہ حضرتِ رَابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي باري ۾ منقول آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي وفات تائين هي عادت رهي جو سڄي رات نماز پڙهنديون رهنديون هيون ۽ جڏهن فجر جو وقت ويجهو ٿيندو هو تہ ڪجهه دير جي لاءِ

سمهي پونديون هيون، پوءِ بيدار ٿي چونديون هيون: اي نفس! تون ڪيترو سمهندين ۽ ڪيترو جاڳندين، عنقريب تون اهڙي ننڊ سمهندين جو ان کان پوءِ قيامت جي صبح جو ئي بيدار ٿيندين. (روح البيان، ۲۴۲/۶ الفرقان، تحت الآية: ۶۴)

جاگنا ہے جاگ لے آفلاک کے سائے تلے
حشر تک سوتا رہے گا خاک کے سائے تلے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوفِ خدا جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان اولياء ڪرام ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهين جا واقعا ٻڌا ته اهي ڪيتري عبادت ڪندا هئا، مناجات (دُعا) ڪندا هئا ۽ سڄي سڄي رات الله پاڪ جو ذڪر ڪندا هئا، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا، مطلب ته سڄي زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف رهندا هئا. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته اهي ماڻهو الله پاڪ کان گهڻو ڊڄندا هئا ۽ خوفِ خدا جا پيڪر هوندا هئا. يقيناً ”خوفِ خُدا“ هڪ تمام وڏي نعمت آهي. اسان جي اُخرَوِي نَجات جي لاءِ رب جو خوف وڏي اَهميت رکي ٿو، ڇوته عبادتن جي بَجاآوري ۽ ممنوع شين کان پاسو ڪرڻ جو عظيم ذَرِيعو خوفِ خدا ئي آهي.

نبي اڪرم، نُورِ مجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايائون: ”رَأْسُ الْحِكْمَةِ مَخَافَةُ الله“ يعني حڪمت جو سَرچشمو الله پاڪ جو خوف آهي. (شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعالٰى،۴۷۱/۱، حديث:۷۴۴) جيئن ته الله پاڪ خود سيپاري 4 سوره اٰلِ عمران آيت نمبر 175 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۱۷۵﴾ (پ ۴، اٰلِ عمرٰن:۱۷۵)

ترجَمو ڪنز الايمان: ۽ مون کان ڊڄو جيڪڏهن ايمان وارا آهيو .

معلوم ٿيو ته **خوفِ خدا** مؤمن ٻانهي جي ايمان جي نشاني آهي. اچو سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خوفِ خدا جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون

تا:

## غوث پاڪ رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جو خوفِ خدا

حضرت سَيدُنا شيخ سَعدِي شِيرازِي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ "مسجدُ الحرام ۾ ڪجھ ماڻھو ڪعبۃُ اللّٰہ شريف جي ويجھو عبادت ۾ مصروف ھئا. اوچتو اُنھن ھڪ شخص کي ڏٺو تہ ڪعبي جي ديوار سان چنبڙي زارو قطار روئي رھيو آھي ۽ ان جي چپن تي ھي دُعا جاري آھي، "اي اللّٰہ! جيڪڏھن منھنجا عمل تنھنجي بارگاھ جي لائق نہ آھن تہ قيامت جي ڏينھن مون کي انڌو اٿارجانءِ." ماڻھن کي اھا عجيب وغريب دُعا ٻڌي گھڻو تَعَجُّب ٿيو، پوءِ اُنھن دُعا گھرڻ واري کان پڇيو،"اي شيخ! اسان تہ قيامت ۾ عافيت جا طلب گار آھيون ۽ اوھان انڌو اٿاريو وڃڻ جي دُعا ڪري رھيا آھيو، ان ۾ ڪھڙو راز آھي؟" ان شخص روئيندي جواب ڏنو،" منھنجو مطلب ھي آھي تہ جيڪڏھن منھنجا عمل اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ جي لائق نہ آھن تہ مان قيامت ۾ انڌو اٿاريو وڃڻ پسند ڪيان ٿو تہ مون کي ماڻھن جي سامھون شرمسار نہ ٿيڻو پوي." اھي سڀ اھو عارفاڻو جواب ٻڌي بي حد متاثر ٿيا پر پنھنجي مُخاطب کي سڃاڻيندا نہ ھئا، ان ڪري پڇيو، "اي شيخ! اوھان ڪير آھيو؟" ان جواب ڏنو: "مان عبدُالقادر جيلاني آھيان. (خوفِ خدا،ص ١١٩)

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم ترے خوف سے یاخدا! یاالٰہی!
تِرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خوفِ خدا جو جذبو مرحبا. اي ڪاش جو غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي بہ خوفِ خدا نصيب ٿي وڃي.

ياد رکو! **خوفِ خدا** تمام وڏي نعمت آھي، جنھن کي اھا نعمت نصيب ٿي وڃي ان جي دنيا بہ چڱي ٿي ويندي آھي ۽ ان جي آخرت بہ سنورجي ويندي

آهي. ڇوته جڏهن انسان ۾ خوفِ خدا پيدا ٿيندو آهي ته ان جو گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ تمام آسان ٿي ويندو آهي. **خوفِ خدا** نيڪين جي رغبت پيدا ڪرڻ جو بهترين نسخو آهي، **خوفِ خدا** گناهن کان بچائڻ جو ذريعو آهي. **خوفِ خدا** ايمان جي مضبوطي جي نشاني آهي، **خوفِ خدا** الله پاڪ جي معرفت ۽ قُربت جو ذريعو آهي. **خوفِ خدا** شريعت جو پاسدار بڻائڻ وارو آهي. **خوفِ خدا** انسان جي ظاهر کي سنوارڻ وارو آهي، **خوفِ خدا** انسان جي باطن جو نگهبان آهي، **خوفِ خدا** حقوق العباد (يعني ٻانهن جي حقن) جي ادائيگي جو محافظ آهي، **خوفِ خدا** حقوقِ الٰهي جي ادائيگي جو به ضامن آهي، **خوفِ خدا** سان قبر ۾ به سوجهرو ٿيندو ۽ **خوفِ خدا** محشر جي پريشانين کان به بچائيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مطلب ته! اها هڪ اهڙي صفت آهي جيڪا ٻانهي ۾ ڪيئي نيڪ خوبين ۽ چڱين عادتن جي پيدا ٿيڻ جو سبب آهي.

اڃو هي به ٻڌون ٿا ته خوفِ خدا جي معني ڇا آهي، شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تاليف "ڪفريه ڪلمات کے بارے میں سوال جواب" صفحي 26 تي فرمائن ٿا: "**خوفِ خدا**" مان مراد اها آهي ته الله پاڪ جي خفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، ان جي ناراضي، ان جي گِرِفت (پڪڙ)، ان جي طرفان ڏني ويندڙ عذابن، ان جي غضب ۽ ان جي نتيجي ۾ **ايمان جي بربادي** وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو "**خوفِ خدا**" آهي.

اها نيڪ صفت به اولياءِ ڪرام جي زندگين جو لازمي (Compulsory) حصو هوندي آهي. ياد رهي ته اولياء ڪرام جي زندگي علم و عمل جو مجموعو هوندي آهي ۽ علم خوفِ خدا کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ علم الله پاڪ جي معرفت جو ذريعو آهي ۽ جڏهن معرفتِ الٰهي گهٽي هوندي ته انسان عمل ڏانهن به گهٽو راغب ٿيندو آهي. پاڻ سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏي عالم

۽ عابد هئڻ باوجود خوفِ خدا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ان سان گڏ اسان جا ٻيا بزرگ بہ خوفِ خدا رکڻ وارا هوندا هئا.

منقول آهي تہ حضرت سَيِدُنا يحيي بن عبدالملڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت ئي بارُعب شيخ الحديث هئا، پر سندن تي خوفِ خدا جو وڏو غلبو هو. پاڻ ڏينهن رات روئيندا رهندا هئا ايستائين جو سندن اکين ۾ هميشہ آشوبِ چشم (اک ڏکڻ جي ڪري جيڪا ڳاڙهاڻ هجي، ان) جهڙي ڳاڙهاڻ رهندي هئي. اها ڏسي ڪجهہ ماڻهن عرض ڪيو: "سائين! اوهان جي اکين جو علاج اهو آهي تہ اوهان روئڻ ڇڏي ڏيو." تہ پاڻ فرمايائون: "جيڪڏهن هي اکيون الله پاڪ جي خوف کان روئڻ ڇڏي ڏين تہ پوءِ انهن ۾ ڪهڙي ڀلائي باقي رهجي ويندي؟"

(اوليائے رجال الحديث ص۲۵۷از خوفِ خدا، ص۷۲)

حضرت علي بن بڪار بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تمام وڏا محدث ۽ زهد وتقوٰي وارا بزرگ هئا. سندن دل تي خوفِ خدا جو ايترو غلبو هو جو ڏينهن رات روئيندا رهندا هئا ايستائين جو اکين جو نور ختم ٿي ويو. (اوليائے رجال الحديث ص۱۹۶،خوفِ خدا،ص۷۳)

حضرت سَيِدُنا ابو بِشر صالح مُرّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڏا نالي وارا محدث هئا. پاڻ وڏا پراثرخطيب هئا. وعظ جي دوران سندن اها ڪيفيت ٿيندي هئي جو رب جي خوف مان ڏڪندا رهندا هئا ۽ ايتري قدر روئيندا هئا جيئن ڪا عورت پنهنجي اڪيلي ٻار جي مري وڃڻ تي روئيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ گهڻي روئڻ ۽ بدن جي ڏڪڻ سان سندن عضوئن جا جوڙ پنهنجي جڳهہ تان هِلي ويندا هئا. ۽ سندن جي بيان جو ٻڌڻ وارن تي اهڙو اثر ٿيندو هو جو ڪي ماڻهو تڙپي تڙپي بي هوش ٿي ويندا هئا ۽ ڪي انتقال ڪري ويندا هئا. سندن خوفِ خدا جو اهو عالم هو جو جيڪڏهن ڪنهن قبر ڪي ڏسي وٺندا هئا تہ ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ڏينهن حيران ۽ خاموش رهندا هئا ۽ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا هئا.

(اوليائے رجال الحديث ص۱۵۱،خوفِ خدا، ص۷۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولياء ڪرام جو خوفِ خدا وارو جذبو مرحبا! اي ڪاش انهن جي صدقي اسان کي بہ اها عظيم نعمت نصيب ٿي وڃي. افسوس! اڄ خوفِ خدا سان خالي مسلمانن جو هڪ تعداد آهي جيڪو دنيا جي مستين ۾ ايترو غرق ٿيو آهي جو نہ ئي گناهن کان بچڻ جو ذهن آهي ۽ نہ ئي ايمان جي تقاضن کي پورو ڪندو نظر پيو اچي. هڪ تعداد اهڙو بہ آهي جيڪو ايمان جي سلامتي جي فڪر کي بظاهر وساريندو نظر اچي رهيو آهي، اهڙن جي لاءِ مقامِ عبرت آهي جو اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ عالم سڳورا رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: جنهن کي (زندگي ۾) سلبِ ايمان (ايمان کسجي وڃڻ) جو خوف نہ هجي، نزع جي وقت ان جو ايمان سلب ٿي (يعني کسجي) وڃڻ جو سخت خطرو آهي. انهيءَ ڪري الله پاڪ اسان کي پنهنجي خوف کان ڊڄڻ ۽ آخري پساهہ تائين اسلام تي ثابت قدم رهڻ جو تاڪيد ڪندي سيپاري 4 سُورة آلِ عِمران جي آيت نمبر 102 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَ لَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ (پ۴،آل عمران:۱۰۲)

ترجَمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهان مسلمان ٿي ئي مرو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اسان جا بزرگ سڳورا** الله پاڪ جي خوف مان روئڻ وارا هئا، **اسان جا بزرگ سڳورا** نيڪ عملن جي ڪثرت جي باوجود بہ توبہ ۽ اِستِغفار ڪرڻ وارا هئا، **اسان جا بزرگ سڳورا** فڪرِ آخرت جي لاءِ بي چين رهڻ وارا هئا، **اسان جا بزرگ سڳورا** قبر ۽ حشر جي خوف سبب ڏڪڻ وارا هئا، جيئن الله پاڪ کان ڊڄڻ جو حق آهي **اسان جا بزرگ سڳورا** الله پاڪ کان اهڙي طرح ڊڄڻ وارا هئا، **اسان جا بزرگ سڳورا** الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان هميشہ خوف زده رهڻ وارا هئا ۽ **اسان جا بزرگ سڳورا** پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپ رکڻ وارا هئا، بِلا شبہ اهي ماڻهو ايمان جا حقيقي معني ۾ قدردان هئا، انهن کي پنهنجي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

هن فرمان: ”اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيم“ **اعمال جو دار ومدار خاتمي تي آهي.** (بخاري،ڪتاب القدر،باب العمل بالخواتيم، ۴/۲۷۴، حديث: ۶۶۰۷) تي پورو پورو يقين هو تڏهن تہ انهن جا ڏينهن رات صرف انهيءَ فڪر ۾ گذرندا هئا تہ ڪٿي اسان جو ايمان اسان کان کسجي نہ وڃي، اسان کي گهرجي تہ فاني دُنيا جي ڌوڪي ۾ مبُتلا رهڻ ۽ پنهنجو قيمتي وقت فضوليات، ناجائز و حرام ڪمن ۾ برباد ڪرڻ بدران **ايمان جي حفاظت** جي لاءِ ڪوشش ۾ رهون، اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي ۽ پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي گُناهن کان پاڪ رکون، سٺي صحبت اپنايون، بُرن دوستن ۽ بُري دوستي کان بچون، سوشل ميڊيا (Social Media) جي **غلط اِستعمال**( Miss Use) سان پنهنجو پاڻ کي بچايو، جي ها! موجوده دَور ۾ ايمان جي بربادي ۾ اِنٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جي غلط اِستعمال جو بہ تمام گهڻو هٿ آهي.بعض اوقات اِنسان "**ضرورت**" جي نالي تي گهٽين خواهشن کي پورو ڪرڻ ۾ پنهنجي عمر ائين ئي گذاري ڇڏيندو آهي ۽ خواهشون آهن جيڪي ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿيون وٺن. **اي ڪاش!** اسان هر عمل الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪريون ۽ هر وقت الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان ڊڄندا رهون.

تیرے ڈر سے سَدا تھر تھراؤں     خوف سے تیرے آنسو بہاؤں
کَیف ایسا دے، ایسی ادا کی     میرے مولیٰ تُو خَیرات دیدے
(وسائل بخشش، ص، ۱۲۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ تحصيلِ عِلمِ دِين

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ ٻين بزرگانِ دين جي پاڪيزه اوصاف بابت ٻڌي رهيا هئاسين. انهن جي عمده وصفن مان هڪ وصف **علم حاصل ڪرڻ** بہ آهي. يقيناً اڄ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪي سهولتون (Facilites) آهن اهي پهريان ڪڏهن نہ هيون، پهريان علم

حاصل ڪرڻ جي لاءِ قدم قدم تي مشڪلاتون پيش اينديون هيون، پوءِ بہ اسان جا اسلاف نندپڻ کان ئي عِلمِ دِين ڏانهن مائل ٿي ويندا هئا، ائين ئي آخر پساهہ تائين انهن جو تعليم ۽ تَعَلُّم (يعني علم حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين علم پهچائڻ) جو سلسلو جاري رهندو هو. غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡہ بہ نندپڻ کان ئي **عِلمِ دِين** سکڻ ۾ مشغول ٿي ويا، اچو ان بابت ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا:

جيئن منقول آهي تہ اجا پاڻ رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡہ گهٽ عمر جا هئا تہ پنهنجي والِدهٔ مُحتَرَمہ جي اجازت سان عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ بغداد پهتا هئا. (بهجةالاسرار،ذکر طريقه، ص١٦٧ ملخصاً)

دورِ طالب علمي جا ڪجھ واقعا بيان ڪندي سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡہ پاڻ فرمائن ٿا: مان پنهنجي طالِبِ عِلمي جي زماني ۾ استادن کان سبق وٺي جهنگل ڏانهن نڪري ويندو هئس، پوءِ ڏينهن هجي يا رات، انڌاري هجي يا زور دار برسات، گرمي هجي يا سيءُ پنهنجو مُطالَعو جاري رکندو هئس، ان وقت مان پنهنجي مٿي تي هڪ ننڍڙو عِمامو ٻڌندو هئس ۽ معمولي سبزي کائي پيٽ جي بُک ختم ڪندو هئس، ڪڏهن ڪڏهن سبزي بہ هٿ نہ ايندي هئي، ڇوتہ بک جا ماريل ٻيا فُقَرَا بہ هيڏانهن جو رُخ ڪندا هئا، اهڙن موقعن تي مون کي شَرم ايندو هو تہ مان دَرويشن جي حق تلفي ڪيان، مجبوراً اتان هليو ويندو هئس ۽ پنهنجو مُطَالَعو (Studey) جاري رکندو هئس، پوءِ ننڊ ايندي هئي تہ خالي پيٽ ئي پٿرين سان پريل زمين تي سمهي پوندو هئس. (قلائد الجواهر، ص١٠ ملخصاً)

مُشکلوں میں دے صَبر کی تَوفیق
اپنے غم میں فقط گُھلا یاربّ!

## عِلمِ دِين جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن مان اسان کي بہ درس حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي اولاد کي نندپڻ کان ئي عِلمِ دِين سکڻ جو **ذهن** ڏيڻ گهرجي. عِلمِ دِين سکڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ هن پُرفتن دَور ۾ "**مدني چينل**" تمام

گھڻو معاون ۽ مددگار آھي، ❖ **مدني چينل** تي ھلڻ وارا عِلمِ دِين سان مالامال مختلف سلسلا عِلمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا ڪندا آھن، **هفتيوار مدني مذاڪرو** پاڻ بہ پابنديءَ سان ڏسو ۽ پنھنجي گھروارن کي بہ ڏيکاريو، ان سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو، ❖ **هر هفتيوار مدني رِسالي** جي مطالعي جو معمول بڻائي وٺو، ان جي برڪت سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو ❖ **ماهنامہ فيضانِ مدينہ** جي مطالعي جي برڪت سان بہ **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو. ❖ **دعوتِ اِسلامي** جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) جو وِزٽ ڪريو، ڪيئي موضوعن تي **سُنّتن پريا بيان** (آڊيو/ويڊيو)، **مدني مذاڪرا** ڏسڻ ٻڌڻ، عِلمِ دِين سان مالامال **ڪتابن ۽ رسالن** جي مطالعي جي برڪت سان **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو. ❖ مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان **عِلمِ دِين سکڻ** جو شوق پيدا ٿيندو.

**عِلمِ دِين جي فضيلتن** جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي! مڪتبة المدينہ جي ڪتاب بهارِ شريعت جلد 3 ص 618 تي لکيل آھي: ❖ علم اھڙي شيء ناھي جنھن جي فضيلت ۽ خُوبين کي بيان ڪرڻ جي حاجت ھجي، ❖ سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ علم نهايت بهتر شيء آھي، ❖ ان کي حاصِل ڪرڻ فضيلت جو سبب آھي. ❖ ھيءَ اھا شيء آھي جنھن سان اِنساني زندگي ڪامياب ۽ خُوشگوار ٿيندي آھي ❖ ۽ انھيء سان دنيا ۽ آخرت سُڌرندي آھي. ❖ (۽ علم مان) اھو علم مُراد آھي جيڪو قرآن ۽ حديث مان حاصل ٿئي، ❖ ڇوتہ ھي ئي اھو علم آھي، جنھن سان دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي ويندا آھن.❖ ھي ئي اھو علم آھي جيڪو نجات جو ذريعو آھي ❖ ۽ ھن جي قرآن و حديث ۾ ساراھ بيان ٿي آھي ❖ ۽ ھن جي تعليم ڏانھن توجھ ڏياري وئي آھي. (بهارِ شريعت، ۶۱۸/۳، بتغير) **ياد رهي!** ڪجھ عِلمن کي حاصل ڪرڻ فرض آھي.

جيئن تہ نُورِ مجسَّم، شاھ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَة عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ" يعني علم حاصل ڪرڻ ھر مسلمان تي فرض آھي. (ابن ماجه ج۱ ص۱۴۶ حديث

(۲۲۴) هن حديث پاڪ مان اسڪول ڪاليج ۾ رائج ٿيل دنياوي تعليم نہ بلڪ ضروري ديني علم مراد آهي،

❖ لهٰذا سڀ کان پهريان بنيادي عقيدن جو علم سکڻ فرض آهي ❖ انهيءَ کان پوءِ نماز جا فرض، شرط ۽ مُفسِدات (يعني نماز ڪيئن درست ٿيندي آهي ۽ ڪيئن ٽٽي پوندي آهي) ❖ پوءِ رمضانُ المُبارڪ جي آمد تي روزا فرض هجڻ جي صورت ۾ روزن جا ضروري مسئلا (سکڻ فرض آهن) ❖ جنهن تي زڪوٰت فرض هجي ان جي لاءِ زڪوٰت جا ضروري مسئلا (سکڻ فرض آهن)، ❖ اهڙيءَ طرح حج فرض هجڻ جي صورت ۾ حج جا (مسئلا سکڻ فرض آهن)، ❖ نڪاح ڪرڻ چاهي تہ نڪاح جا، ❖ واپاري کي خريد ۽ فروخت جا(مسئلا سکڻ فرض آهن)، ❖ نوڪري ڪرڻ واري جي لاءِ نوڪري جا، نوڪر رکڻ واري جي لاءِ اِجاري جا ❖ هر مسلمان عاقل بالغ مرد ۽ عورت تي ان جي موجوده حالت جي مطابق مسئلا سکڻ فرضِ عين آهن. ❖ اهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا بہ سکڻ فرض آهن ❖ اهڙي طرح باطني فرض مثال طور: عاجزي، اِخلاص، ۽ تَوَڪُّل وغيرها ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جو طريقو ۽ باطني گناهہ مثال طور تڪبُّر، رياڪاري، حسد، بدگماني، بغض ۽ ڪينو، شُماتت (يعني ڪنهن جي مصيبت تي خوش ٿيڻ) وغيرها ۽ انهن جو علاج سکڻ هر مسلمان تي فرض آهي ❖ مُهلِڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ واريون شيون جيئن تہ وعده خلافي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بُهتان بدنگاهي، ڌوڪو، ايذاءِ مسلم وغيره وغيره تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن جي باري ۾ ضروري احڪام سکڻ بہ فرض آهن تہ جيئن انهن کان بچي سگهجي. (نيڪي ڪي دعوت، ص۱۳۵ بتغير) انهن عِلمن جي وڌيڪ تفصيلات جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جي تصنيف" **نيڪي جي دعوت**" ص 135 جو مطالعو اِنتهائي مُفيد رهندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي **عِلمِ دِين** ئي هڪ لازوال دولت آهي، **عِلمِ دِين** انبيا عَلَيهِمُ السَّلَام جي ميراث آهي، **عِلمِ دِين** قُربتِ الٰهي جي راهہ آهي، **عِلمِ دِين**

هدايت جو سرچشمو آهي، **عِلمِ دِين** گناهن کان بچڻ جو ذريعو آهي، **عِلمِ دِين** خوفِ خدا کي بيدار ڪرڻ جو نسخو آهي، **عِلمِ دِين** دنيا ۽ آخرت جي عزّت ماڻڻ جو سبب آهي، **عِلمِ دِين** مُرده دلين جي حيات (Life) آهي، **عِلمِ دِين** ايمان جي سلامتي جو محافظ آهي، **عِلمِ دِين** خلقِ خدا جي محبت ماڻڻ جو سبب آهي. مطلب تہ! **عِلمِ دِين** بي شمار خوبين جو جامع آهي، **عِلمِ دِين** ۾ دِين بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ دنيا بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ سڪون بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ اطمينان بہ آهي، **عِلمِ دِين** ۾ لذّت بہ آهي ،**عِلمِ دِين** ۾ آرام بہ آهي، تنهنڪري عقل مند اهو ئي آهي جيڪو **عِلمِ دِين** جي طلب ۾ مشغول ٿي دنيا سان گڏ اخروي نجات جي بهتري جو بہ سامان ڪري وجي.

افسوس! اسان جي معاشري جي اڪثريت نہ ئي پاڻ عِلمِ دِين سکڻ ڏانهن متوجهہ ٿئي ٿي ۽ نہ ئي پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سيکاري ٿي. پنهنجي هوشيار (لائق ۽ ذهين) ٻارن کي دُنياوي علوم وفنون تہ خوب سکاريا ويندا آهن پر فرض علوم، قرآنِ ڪريم پڙهائڻ ۽ سُنّتون سيکارڻ ڏانهن توجهہ ناهي ڪئي ويندي. اها خواهش تہ ڪئي ويندي آهي تہ منهنجو پٽ ڊاڪٽر، انجينئر، پروفيسر ۽ ڪمپيوٽر پروگرامر بڻجي پر پنهنجي اولاد کي عالمِ دين، مفتي اسلام ۽ شيخ الحديث بڻائڻ جي سوچ ختم ٿيندي پئي وجي. **اي ڪاش!** اسان پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سيکاري پنهنجي لاءِ **صدقہ جاريہ ڇڏي** وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، **اي ڪاش!** هر پيءُ اها تمنّا رکندو هجي تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي اولاد مان ڪو **غُسلِ ميت** ڏي، منهنجي اولاد مان ڪو منهنجو **جنازو** پڙهائي، منهنجي **تدفين** جي وقت منهنجو اولاد **قبر تي تِلاوت** قرآن ڪري منهنجي انڌيري قبر ۾ روشني جي سامان جو ذريعو بڻجي، منهنجو اولاد منهنجي لاءِ **اِيصالِ ثواب** ڪري، پر **ياد رکو!** اهي تمنائون تڏهن پوريون ٿي سگهنديون جڏهن اسان جو اولاد **عِلمِ دِين جي لازوال دولت** سان مالا مال ٿيندو.

## اسلاف جو شوقِ علم دين

عِلمِ دِين هڪ اهڙي انمول دولت آهي جو وڏا وڏا بادشاهه پاڻ بہ هن دولت کي ماڻڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ پنهنجي اولاد کي بہ عِلمِ دِين جي تعليم ڏياريندا هئا، اچو هن بابت ڪجهه واقعا پڙهون ٿا:

جيئن، هڪ ڀيري بادشاهِ وقت خليفہ هارون رشيد (پنهنجي پٽ) مامون رشيد جي تعليم جي لاءِ حضرتِ امام ڪسائي (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) کي عرض ڪيائون تہ پاڻ فرمايائون: "مان هتي پڙهائڻ نہ ايندس، شهزادو منهنجي ئي گهر اچي وڃي." هارون رشيد عرض ڪيو: "هو اتي ئي حاضر ٿي ويندو پر ان جو سبق پهريان ٿئي." فرمايائون: "ائين بہ نہ ٿيندو بلڪ جيڪو پهريان ايندو ان جو سبق پهريان ٿيندو." آخرڪار مامون رشيد پڙهڻ شروع ڪيو، اتفاقاً هڪ ڏينهن هارون رشيد جو گذر ٿيو، ڏٺائين تہ امام ڪسائي (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) پنهنجا پير ڌوئي رهيا آهن ۽ مامون رشيد(پيرن تي) پاڻي هاري رهيو آهي. بادشاهه ڪاوڙجي هيٺ لٿو ۽ مامون رشيد کي چيائين: "او بي ادب! خدا بہ هٿ ڇا جي لاءِ ڏنا آهن؟ هڪ هٿ سان پاڻي هار ۽ ٻي هٿ سان انهن جا پير ڌوءُ."

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص ۱۴۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي استاد جي بيحد ادب ۽ تعظيم ڪرڻ جو درس مليو گڏوگڏ اهو بہ مَعلُوم ٿيو تہ خليفي هارون رشيد جي پنهنجي اولاد کي عِلمِ دِين سيکارڻ جي دِلي خواهش هئي، تڏهن تہ ان حضرت امام ڪسائي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجي پٽ کي پڙهائڻ جي التجا (Request) ڪئي ۽ هن سلسلي ۾ امام ڪسائي جا تمام شرط بہ قبول ڪيا.

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي اولاد جي تعليم و تربيت جو نهايت بهترين انتظام ڪيو، جليل القدر محدث حضرتِ سَيدُنا صالح بن ڪيسان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي سندن جا استاد هئا تنهن کي پنهنجي اولاد جي لاءِ استاد مقرر ڪيائون. (از عمر بن عبد العزيز کي 425 حکايات، ص ۵۵)

اهڙي طرح اسان جا اسلاف بہ ننڍپڻ کان ئي عِلمِ دِين جي تحصيل ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. منقول آهي تہ حُجّة الاِسلام حَضرتِ سَيدُنا امام غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا والدِ محترم رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پاڻ جيتوڻيڪ لکيل پڙهيل نہ هئا پر انهن کي عِلمِ دِين جي اَهميت جو گهڻو احساس هو، ان ڪري پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دلي خواهش هئي تہ سندن ٻئي صاحبزادا محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ احمد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه علمِ شريعت ۽ طريقت جي زيور سان سينگاريل هجن. انهيء مقصد جي لاءِ انهن پنهنجي صاحبزادن جي لاءِ ڪجھ اثاثو بہ بچايو هو، جيڪو سندن جي انتقال تي انهن ٻنهي سعادت مند پٽن جي علم حاصل ڪرڻ واري سفر ۾ گهڻو ڪم آيو. (مقدمۂ احياءالعلوم مترجم از علامه صديق هزاروي، ص١٨ملخصاً)

اهڙي طرح سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ ننڍپڻ کان ئي عِلمِ دِين ڏانهن متوجہ ٿيا، ايستائين جو ساڍا چار سالن جي ننڍڙي عمر ۾ قرآنِ مجيد ناظِره مڪمَّل پڙهڻ جي نعمت سان سرفراز ٿيا ۽ صِرف تيرهن (13) سال ڏھ مهينا چار ڏينهن جي عمر ۾ تمام مُرَوَّجہ عُلُوم پنهنجي والدِماجد رئيسُ المُتَڪلِّمِين مولانا نقي علي خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽان حاصل ڪيا. (حياتِ اعلي حضرت ص ٧١ملخصاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني مذاڪره“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن مان اسان کي بہ اهو درس ملي رهيو آهي تہ اسان بہ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، عِلمِ دِين سکڻ جو هڪ ذريعو اهو بہ آهي تہ اسان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون ۽ **12 مَدَني ڪمن** ۾ عملي طور تي شامل ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪندا رهون. هنن 12مدني ڪمن مان ڪجھ مدني ڪم جيئن مدرسة المدينہ بالغان، مدني قافلو، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت، چوڪ درس ۽ مسجد

درس وغيره خاص ڪري عِلمِ دِين سکڻ جو تمام وڏو ذريعو آهن. اهڙي طرح عِلمِ دِين سکڻ جو هڪ ذريعو هفتيوار ”مدني مذاڪرو“ بہ آهي، مدني مذاڪرو دعوتِ اسلامي جي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ اهم مدني ڪم بہ آهي.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”مَدَني مُذاڪرو“ ڏسڻ، ٻڌڻ جي بَرَڪت سان شَرعي مُعاملن ۾ اِحتِياط ڪرڻ جو ذِهن نصيب ٿيندو آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان عاشِقانِ رَسول جي صُحبَت مُيسَّر ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان عمل جو جَذبو وڌندو آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان گُناهن کان نَفرت پيدا ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ اِستِقامت نصيب ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي آپ ڊيٽس (Updates) مِلندي آهي. ❖ مَدَني مُذاڪرو عِلمِ دِين جي تَرَقّي جو سبب آهي. ❖ مَدَني مُذاڪره، اَميرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي زِندگي جي سوين بلڪ هزارين تَجربن مان مَدَني تَربِيت حاصِل ڪرڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري ۾ دِيني مَعلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تَربِيت بہ ٿيندي آهي. ❖ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل مُختَلِف سُوالن ذريعي دِلچسپ جوابن جي صُورت ۾ عِلمِ دِين حاصِل ٿيندو آهي ۽ عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي جو رَحمتِ عالَم، نُورِمُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمائن ٿا: جيڪو الله پاڪ جي فرضن بابت هڪ يا بہ يا ٽي يا چار يا پنج ڪلِما سکي ۽ ان کي چڱي طرح ياد ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ اهو جنّت ۾ داخِل ٿيندو. (الترغيب والترهيب، كتاب العم، ١ /٥٤، حديث: ٢٠ )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀاءِ مَدَني مُذاڪري جي بَرَڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي سان تَوبہ ڪري چُڪا آهن. اچو! اسان بہ هتوهت نِيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي **”مَدَني مُذاڪري“** ۾ شروع کان آخر تائين شِرڪت ڪري يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مَدَني

مُذاڪري ۾ شِرڪت جي دَعوَت (Invitation) ڏيندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جون خُوب خُوب بَرَڪتون حاصِل ٿينديون. هفتيوار مَدَني مُذاڪري جي عِلاوه مُختَلِف موقعن تي بہ مَدَني مُذاڪرن جو سِلسِلو ٿيندو آهي، مثال طور مُحَرَّمُ الحَرَام جا 10 مَدَني مذاڪرا، ماه رَبِيعُ الْاَوَّل جا 12 مَدَني مُذاڪرا، ماه رَبِيعُ الآخِر جا 11 مَدَني مُذاڪرا، ماه رجب ۾ غريب نواز جا مدني مذاڪرا 6، ماه رَمَضان ۾ روزانو 2 مَدَني مُذاڪرا، ماه ذُوالحِجَّة الْحَرام جا 10 مَدَني مُذاڪرا وغيره.اَلْحَمْدُ لِلّٰه هنن مَدَني مُذاڪرن ۾ بہ شروع کان آخر تائين شِرڪت ڪري دُنيا ۽ آخِرت جون بي شُمار بَرَڪتون ۽ ڀلائيون حاصِل ڪري سگهجن ٿيون. اچو تَرغِيب لاءِ مَدَني مُذاڪرو ڏسڻ جي هڪ مَدَني بَهار ٻُڌو ۽ جُهومو، جيئن

## مَدَني مُذاڪري سُڌاري ڇڏيو

واه ڪينٽ (پنجاب) جو هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول کان پهريان ٻين نوجوانن جيان گهڻين اَخلاقي بُرائين ۾ مبتلا هو. فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ ان جو محبوب مشغلو هو. هڪ ڏينهن ان ڪي گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي سعادت نصيب ٿي، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدني مذاڪرو ڏسڻ جي برڪت سان ان کي اڳوڻن گناهن کان توبہ نصيب ٿي ۽ هو فرضن ۽ واجبن جو عامِل بڻجڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو، چهري تي هڪ مُٺ ڏاڙهي مُبارڪ سجائي ورتي. اللّٰه پاڪ جو وڌيڪ فضل ۽ ڪرم اهو ٿيو تہ ان جي والدين خوشي سان ان کي ”وقفِ مدينہ“(يعني دعوتِ اسلامي جي مَدَني ڪمن جي لاءِ اللّٰه پاڪ جي راه ۾ پيش) ڪري ڇڏيو.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مَدَنی ماحول
پِلا کر مئے عِشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشِقِ مُصْطَفٰے مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ ڊاڪٽرز:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 105 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو "**مجلس ڊاڪٽرز**" به آهي.

موجوده دور ۾ عِلاج جا مُختلف طريقا هئڻ جي سبب طبيبن جي سڃاڻپ جي لاءِ نالا به الڳ الڳ رکيا ويا آهن. جيئن ته جڏهن ڊاڪٽرن جو نالو ورتو ويندو آهي ته ان مان عام طور تي اَيلو پيٿڪ ڊاڪٽر مُراد هوندا آهن. يوناني طِب وارن کي حڪيم چوندا آهن، جانورن جي ڊاڪٽرکي ويٽرنري ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرن جو هڪ قسم هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر چيو ويندو آهي. الغرض مَوجُوده دَور جي طبيبن کي ڏٺو وڃي ته انهن جي اڪثريت فَرض عُلُوم يعني بنيادي ضروري ديني عُلُوم کان ناواقف نظر ايندي آهي. جيئن ته عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ طبيبن جي هر طَبقي جي لاءِ هڪ الڳ مجلس قائم ڪئي وئي آهي، ان تمام مَجلسن جو بنيادي مَقصَد ان پيشي سان وابسته ماڻهن جي دلين ۾ فَرض عُلُوم جي اَهميت اُجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن تائين دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ڪندي هن مدني مقصد "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ" جي مُطابِق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سنت جي فضيلت ۽ بيعت جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

ان کی سنّت کا جو آئینہ دار ہے
بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

اچو! بيعت ٿيڻ جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا: ❖ دنيا ۾ ڪنهن صالح کي پنهنجو امام بڻائڻ گهرجي، شَرِيعَت ۾ تقليد ڪري ۽ طريقت ۾ بَيعَت ڪري ته جيئن حَشر چڱن سان گڏ ٿئي. (آدابِ مرشدِ كامل،ص۱۳) ❖ ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن مرشِد ڪامل سان مُريد ٿيڻ به آهي. (آداب مرشد كامل،ص۱۲) ❖ شيخ جامع شرائط جي هٿ تي بيعت مسلمانن ۾ هلندڙ پراڻو طريقو آهي ۽ هن ۾ بيشمار نفعو ۽ دين و دنيا ۽ آخرت جون برڪتون آهن. (فتاوي رضويه ۲۶/۵۷۵) ❖ پير اُمورِ آخِرت جي لاءِ بڻايو ويندو آهي ته جيئن ان جي رهنمائي ۽ باطني توجّه جي بَرَڪت سان مُريد اللّٰه پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي وارن ڪمن کان بچندي رِضاءِ رَبُّ الانام جي مَدَني ڪم جي مطابق پنهنجا رات ۽ ڏينهن گذاري سگهن. (آدابِ مرشد كامل،ص۱۳) ❖ جيڪو شخص ڪنهن جامع شرائط پير جي هٿ تي بيعت ٿي چڪو هجي ته ٻئي جي هٿ تي بيعت نه ڪرڻ گهرجي. (فتاوي رضويه، ۲۶/۵۷۹) ❖ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مُريد ٿيڻ ۾ ايمان جو تحفظ، مرڻ کان پهريان توبه جي توفيق، جهنم کان آزادي ۽ جنت ۾ داخلي جهڙا عظيم فائدا موجود آهن. (فكرِ مدينه ،ص۱۶۱) ❖ مُريد ٿيڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي. (آدابِ مرشد كامل، ص۲۲) ❖ هڪ مُريد جا ٻه شيخ (پير) نٿا ٿي سگهن. (فتاوي رضويه، ۲۱/۵۸۰) ❖ جيڪو مُريد ٻن پيرن جي وچ ۾ مشترڪ هجي اهو ڪامياب ناهي ٿيندو. (فتاوي رضويه، ۲۶/۱۳۶) ❖ جيڪو پير سُنّي صحيح العقيده

عالم غيرِفاسِق هجي ان جو سلسلو آخر تائين متصل هجي ان جي هٿ تي بيعت جي لاءِ والدين يا مڙس کنهن جي بہ اجازت جي حاجت ناهي. (فتاوي رضويه، ٥٨۴/٢٦) ❖ قاصد يا خط ذريعي مُريد تي سگهجي ٿو. (فتاوي رضويه، ٥٨٥/٢٦) ❖ پير جي قول ۽ فعل تي اعتراض سخت حرام ۽ ٻنهي جهانن جي برڪتن کان محرومي جو سبب آهي. (فتاوي رضويه، ٥٨٨/٢٦) ❖ مُريد کي ملڻ وارو فيض بظاهر کنهن بہ بُزُرگ يا صاحب مزار سان ملي پر ان کي پنهنجي مرشِدِ ڪامل جو فيض ئي تصور ڪرڻ گهرجي. (آداب مرشد ڪامل ص٩٨) ❖ مُريد کي هر وقت محتاط ۽ بااَدَب رهڻ گهرجي ڇوتہ ٿوري غفلت ۽ بي احتياطي دين ۽ دنيا جي کنهن اهڙي وڏي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو جنهن جي شايد تلافي بہ نہ ٿي سگهي. (آداب مرشد ڪامل ص٧٠) ❖ حضرت ذُوالنُّون مِصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪو مُريد اَدَب جو خيال ناهي رکندو تہ اهو موٽي اوڏانهن پهچي ويندو آهي جتان ڪان هليو هو. ( الر سالة القشيرية ، باب الادب ، ص ٣١٩)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد21صفحي 603 تي پير جا شرط ڪجهه هي بيان ڪيا آهن: (١) صحيح العقيده سُنّي هجي. (٢) ايترو علم رکندو هجي جو پنهنجي ضرورت وارا مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي. (٣) فاسقِ مُعلِن نہ هجي (هڪ ڀيرو گناهه ڪبيره ڪرڻ وارو يا گناهه صغيره تي اصرار ڪرڻ وارو فاسق هوندو آهي ۽ جيڪڏهن عَلَي الاعلان ڪري تہ فاسقِ مُعلِن آهي.) (۴) ان جو بيعت وارو سلسلو نبي ڪريم،رؤف ورحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين متّصل (يعني مليل) هجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان

گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جھلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو"اوراد و وظائف جون برڪتون" جنھن ۾ اسان اوراد و وظائف جون برڪتون، آداب ۽ شرط، واقعا ۽ حڪايتون، قرآني آيتون، حديثون ۽ بزرگانِ دين جا اقوال ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. ان جي علاوه ڪجھ قرآني سُورتن جون فضيلتون، برڪتون، خاصيتون ۽ معلومات سان ڀرپور مدني گل به بيان ٿيندا. لھٰذا! **آئنده جمعرات به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو**، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش ڪري** ڀين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (3)

---

1…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2…افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305